Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي
جلد :11 | سومر 26 ڊسمبر 2022ع بمطابق 01 جمادي الثاني 1444ھ | شمارو 73 | قيمت 10 روپيا

قائداعظم قانون جي حاڪميت لاءِ دليل جي طاقت سان سياست ڪئي: شرجيل ميمڻ

سڌ سماءُ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي جنم ڏهاڙي تي خاص پيغام جاري ڪيو آهي

25 ڊسمبر جو ڏهاڙو اسان کي پاڪستان جي باني قائداعظم جي جمهوري ۽ قانوني جدوجهد جي ياد ڏياري ٿو: سڌ سماءُ وارو صوبائي وزير

ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ قائد اعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ ڪيل جدوجهد مسلمانن کي آزاد ۽ خود مختيار ملڪ ڏياريو

قائد اعظم قانون جي حاڪميت جي لاءِ دليل جي طاقت سان سياست ڪئي، سندس سموري زندگي اصولن جي سياست تي ٻڌل آهي

قائد اعظم قانون جي حاڪميت جي لاءِ دليل جي طاقت سان سياست ڪئي، قائد اعظم جي طرز سياست جي پيروي سان ئي ملڪ ۾ جمهوريت مستحڪم ٿيندي

قائداعظم جي سموري زندگي اصولن جي سياست تي ٻڌل آهي، قائد اعظم محمد علي جناح جي ولادت جي ڏهاڙي تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

ڪراچي (ص ڊ) سڌ سماءُ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي جنم ڏهاڙي تي خاص پيغام جاري ڪيو آهي. سندس اصولن تي عمل ڪري اسان پاڪستان کي فلاحي رياست بڻائي سگهون ٿا

قائداعظم جي جمهوري ۽ قانوني جدوجهد جي ياد ڏياري ٿو هن چيو ته قائد اعظم محمد علي جناح جي جنم ڏهاڙي تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

قيادت ۾ ڪيل جدوجهد مسلمانن کي آزاد ۽ خود مختيار ملڪ ڏياريو. پنهنجي پيغام ۾ هن وڌيڪ چيو ته قائد اعظم قانون جي حاڪميت جي لاءِ دليل جي طاقت سان سياست ڪئي، سندس سموري زندگي اصولن جي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: صوبائي وزير ياران لعل بخش پتو سان تعزيت ڪئي پٽي وڄي

حڪومت هڪ پيرو وري پي ٽي آءِ کي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ جي آڇ ڪري ڇڏي

اسلام آباد (ص ڊ) ريلوي واري وفاقي وزير خواجا سعد رفيق پي ٽي آءِ کي حڪومت طرفان هڪ پيرو ورري قومي اسيمبلي ۾ واپسي جي آڇ ڪئي آهي. وزيراعظم سان ملاقات بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا سعد رفيق چيو ته بدقسمتي سان اسان جي سياست ۾ گارگندوارو ڪلچر اچي ويو آهي، اسان کي جيلن ۾ وڌيو ويو اسان گرڻ ته ڪيو ۽ نه /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 02

پارت ۾ مذهبي نفرت به قومي نظرئي جي سچائي کي ثابت ڪري ٽي: شهباز شريف

باباءِ قوم جي اصولن عمل ڪرڻ ئي ڪيس پيٽا پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي، سندس اصولن تي عمل ڪري اسان پاڪستان کي فلاحي رياست بڻائي سگهون ٿا

قوم کي اڄ قائداعظم جي واضح ڪيل اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، پارت ۾ وڌندڙ مذهبي نفرت به قومي نظرئي جي سچائي کي ثابت ڪري ٽي

اسان کي اندروني رنجشون ختم ڪري ملڪ جي ترقي لاءِ گڏجي محنت ڪرڻي پوندي، پارت ۾ وڌندڙ مذهبي نفرت به قومي نظرئي جي سچائي کي ثابت ڪري ٽي

اڄ قوم کي قائداعظم جي ڏنل اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان کي اندروني انتشار ختم ڪري ملڪ جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪرڻو پوندو

قائداعظم جي زندگي اصولن، آئيني جدوجهد ۽ سياسي بصيرت جي عڪاسي آهي، قائداعظم جي زندگي ايمان، اتحاد ۽ تنظيم جي سونهري اصولن جو عملي مثال آهي

اسلام آباد (ص ڊ) وزيراعظم شهباز شريف قائداعظم محمد علي جناح جي جنم ڏهاڙي تي چيو آهي ته پارت ۾ وڌندڙ مذهبي نفرت ۽ قومي نظرئي جي سچائي کي ثابت ڪري ٽي.

قائداعظم جي 146 هين جنم ڏهاڙي جي موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته

پنجاب جي وڏي وزير حسنين درياشڪ جي استعيفيٰ منظور ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

حسنين بهادر درياشڪ ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي سان ڏند چڪ ڏيڻ ڪاڦو، ڪيس پنهنجي استعيفيٰ مرڪلي هئي

صوبائي وزير ڪاوڙ ۾ اچي ويو هو ۽ استعيفيٰ جي ڌمڪي ڏني اجلاس مان اٿي هليو ويو، حسنين بهادر درياشڪ منهنجي ڪابينا جي قابل وزيرن مان هڪ آهي

لاهور (ص ڊ) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي صوبائي وزير حسنين بهادر درياشڪ جي استعيفيٰ رد ڪري ڇڏي آهي. حسنين بهادر درياشڪ ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي سان ڏند چڪ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

قائد جي جمهوري قدرن جي ويزن کي برقرار رکڻ جو عزم ڪريون ٿا: صدر

عورتن کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ جي قائد جي فرمان تي عمل ڪندا سين. اڄ قائد جي جمهوري قدرن جي ويزن کي برقرار رکڻ جو عزم ڪريون ٿا

اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط تي عمل ڪندي خوشحالي ۽ ترقي ڏانهن سفر ڪيو. اڄ اسان عهد ڪريون ٿا ته صحيح وقت تي صحيح فيصلو ڪندا سين

ڪابه قوم پنهنجي شرگ دشمن جي هٿ ۾ رڇڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهي، ڪشميرين جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکڻ جو عزم ڪيو

اسلام آباد (ص ڊ) صدر ڈاڪٽر عارف علوي پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي سالگره تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ ڪشمير بابت سندس اهم بيان پٺ شيئر ڪيس صدر عارف علوي پنهنجي قائداعظم محمد علي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر ڈاڪٽر عارف علوي اجلاس جي صدارت ڪندي

اعتماد جي ووٽ وارو مامرو حتمي حڪمت عملي لاءِ اجلاس طلب

لاهور (ص ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان ميڊيا اسٽريٽجي ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪري ورتي. ذريعن موجب عمران خان جي صدارت هيٺ زمان پارڪ ۾ اجلاس ٿيندو. جنهن ۾ پي ٽي آءِ جي مرڪزي ۽ پنجاب جي سينيئر قيادت جو اجلاس اڄ ٻيهر طلب ڪيو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 11

ڪوهلو ۾ بارودي سرنگهه جو ڌماڪو، ڪيپٽن سميت پنج جوان شهيد

ڪوهلو جي علاقي ڪاهان ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪليئرنس آپريشن دوران بارودي سرنگهه ڌماڪي ۾ ڌماڪو ٿيو

شهيدن ۾ ڪيپٽن، فهد، لانس نائيڪ امتياز، سپاهي اصغر، سپاهي مهراڻ، سپاهي شمعون شامل آهن: آءِ ايس پي آر

ملڪ دشمن ڌرين جي بزدلاڻي ڪارروائيون بلوچستان جي امن ۽ خوشحالي کي ختم نٿيون ڪري سگهن

ڪوهلو (ص ڊ) بلوچستان جي ضلعي ڪوهلو ۾ بارودي سرنگهه ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ آفيسر سميت پنج فوجي جوان شهيد ٿي ويا آهن.

پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب بلوچستان جي ضلعي ڪوهلو جي علاقي ڪاهان ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪليئرنس آپريشن دوران بارودي سرنگهه ڌماڪي ۾ ڌماڪو ٿيو. آءِ ايس پي آر جو ڇوڙ آهي ته بارودي سرنگهه جي ڌماڪي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 04

دهشتگردي جي نئين لهر کي منهن ڏيڻ لاءِ سموري قوم کي متحد ٿيڻو پوندو: مراد علي شاهه

آسان سپ متحد ٿي جئلينجز کي منهن ڏئي سگهون ٿا، هلندڙ سال بدترين ٻوڏ کي منهن ڏنو، معاشي بحران سميت دهشتگردي جي نئين لهر کي به منهن ڏئي رهيا آهيون

متحد ٿي ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهون ٿا، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري قائد اعظم جي مزار تي حاضري پيري گلن جي چادر چاڙهي

پاڙيسري ملڪ آسان جي سياسي معاملن ۾ به مداخلت ڪري رهيو آهي، ملڪ خلاف سازشن کي منهن ڏيڻ لاءِ متحد ٿيڻو پوندو: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري

ڪراچي (ص ڊ) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته دهشتگردي جي نئين لهر کي منهن ڏيڻ لاءِ سموري قوم کي متحد ٿيڻو پوندو، آسان سپ متحد ٿي جئلينجز کي منهن ڏئي سگهون ٿا. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه مزار قائد تي حاضري بعد ميڊيا سان گالهائيندي چيو ته هلندڙ سال بدترين ٻوڏ کي منهن ڏنو. معاشي بحران سميت دهشتگردي جي نئين لهر کي به منهن ڏئي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: "پيءُ ماءُ مري ويا آهن" چئي ٻارڙي ٻي فيملي سان هلي وئي

ڪراچي (ص ڊ) ڪراچي جي علاقي ملير جي انويسٽيگيشن پوليس ۽ آءِ وي سي شاهه لطيف ٽائون مان گمشدگي کي ٿلي جنگ شاهي مان بازياب ڪرايو پوليس موجب شاهه لطيف ٽائون مان 24 سيپٽمبر تي گم ٽيل 11 ورهين جي ٻارڙي رمشا کي حفاظت سان بازياب ڪرايو ويو آهي. پوليس اختيارين جو چوڻ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: سنڌ جو وڏي وزير مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

زوب ۾ پاڪ فوج جو آپريشن، هڪ دهشتگرد مارجي ويو، مقابلي ۾ سپاهي شهيد

زوب جي علاقي سمبازا ۾ ڳجهي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز طرفان آپريشن ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

علاقي جي مسلسل نگراني ڪري دهشتگردن جي هڪ ڏڙي کي صبح رڪيو ويو، دهشتگردن فائرنگ ڪري ڏني

زوب (ص ڊ) بلوچستان جي علاقي زوب سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته مقابلي دوران هڪ سپاهي شهيد ٿي ويو آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب زوب جي علاقي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪرئيٽا جي سبزل روڊ واري علاقي ۾ ڌماڪو، چار زخمي

سبزل روڊ تي ڌماڪي ۾ چار زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال نيو ويو آهي

ڌماڪي جا زخمي اسپتال جي ٽراما سينٽر ۾ علاج هيٺ آهن: سول اسپتال ترجمان

ڪرئيٽا (ص ڊ) ڪرئيٽا جي علاقي سبزل روڊ ويجهو دستي بر حملي جي نتيجي ۾ هڪ پارڙي ۽ عورت سميت چار جڻا زخمي ٿي پيا آهن. /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 07

زوب ۾ پاڪ فوج جو آپريشن، هڪ دهشتگرد مارجي ويو، مقابلي ۾ سپاهي شهيد

زوب جي علاقي سمبازا ۾ ڳجهي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز طرفان آپريشن ڪيو ويو: آءِ ايس پي آر

علاقي جي مسلسل نگراني ڪري دهشتگردن جي هڪ ڏڙي کي صبح رڪيو ويو، دهشتگردن فائرنگ ڪري ڏني

زوب (ص ڊ) بلوچستان جي علاقي زوب سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته مقابلي دوران هڪ سپاهي شهيد ٿي ويو آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب زوب جي علاقي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پنجاب جي صحت بابت صوبائي وزير ۽ ٻيا قائداعظم ڈي جي حوالي سان ڪيڪ ڪاٽيندي

مهانگائيءَ جو طوفان، ڪراچي ۾ آٽي جي قيمت تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي وئي

تازي هفتي ۾ 20 ڪلو آٽي جي ٿيلهي 100 رپين تائين وڌيڪ مهانگي ٿي: رپورٽ

ملڪ جي سڀ کان وڏي شهر ۾ في ڪلو آٽو 125 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي: ڪٽڻ ڪاٽو

اسلام آباد (ص ڊ) ڪراچي ۾ آٽي جي قيمت ۾ رڪارڊ واڌ ٿي وئي ۽ 20 ڪلو آٽو 2 هزار 500 رپين سان تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

بلوچستان ۾ آٽي جو بحران، اڳهه چوٽ چڙهي ويا

آٽي جو 100 ڪلو واري بوري 12 هزار رپين ۾ وڪرو ٿي رهي آهي

فلور ملز ٿوڻ ڪٽڪ جو محدود اسٽاڪ موجود آهي: مارڪيٽ ايسوسيئيشن

ڪوئٽا (ص ڊ) بلوچستان جي مختلف علاقن ۾ آٽي جي ڪوٽ سبب بحراني صورتحال پيدا ٿي رئي آهي ۽ آٽي جو 100 ڪلو واري بوري 12 هزار /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

يوڪرين ۾ روسي هوائي حملي ۾ 10 جڻا مارجي ويا، ڪيترائي زخمي

خيرسن شهر جي رهائشي ۽ انتظامي عمارتن کي هوائي حملن ۾ نشانو بڻايو ويو: مقامي انتظاميا

متاثر علاقي ۾ ڪا به فوجي اڈا موجود ناهي، روسي حملن ۾ 10 جڻا مارجي ويا ۽ درجنين زخمي ٿيا

ڪيف (ص ڊ) روس يوڪرين جي شهر خرسن ۾ هوائي حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ 10 جڻا مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڈيهي ميڊيا /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: مسيحي برادري جا ماڻهو چرچ ۾ ڪرسمس جي مناسبت سان دعائيه تقريب ۾ شريڪ آهن

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي جامعة الرشيد جو دورو ڪيو

مفتي عبدالرحيم جو شڪر گذار آهيان، جنهن پيهر جامعة الرشيد ۾ دعوت ڏني: ڪامران ٽيسوري

مفتي عبدالرحيم ۽ جامعه جي انتظاميه هراداري جي بهتر انتظام تي مبارڪباد جي مستحق آهي

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي جامعة الرشيد جو دورو ڪيو. سنڌ جي گورنر چيو ته مفتي عبدالرحيم جو شڪر گذار آهيان. /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

دادو ۾ ملير يا جا راڳا، هڪ ڏينهن ۾ 2 ڀاراجل جو شڪار

دادو جي ڳوٺ بکر جمالي ۽ ان جي پرپاسي وارن علاقن ۾ ملير يا جو حملو جاري آهي

3 مهينن دوران ملير يا سبب 40 کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي ويا آهن: علاقائي واسي

دادو (ص ڊ) سنڌ جي دادو ضلعي جي مختلف علاقن ۾ ملير يا جي وبا پکڙجي وئي آهي. دادو جي بکر جمالي ۽ ان جي پرپاسي وارن علاقن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ عيسائي برادري طرفان ڪرسمس جو ڏهاڙو ملهايو ويو

ڪراچي (ص ڊ) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ اڄ عيسائي برادري پاران حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش وارو ڏهاڙو ملهايو ويو. ڪراچي لاهور ۽ راولپنڈي سميت ملڪ جي ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪرسمس جي موقعي تي مختلف تقريبون ٿيون. جڏهن ته دعائيه تقريبن ۾ ملڪي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ هڪ جوابدار مارجي ويو. فائرنگ ۾ واڌهڙو عام زخمي ٿي پيو

اورنگي ٽائون ۾ ڦر جي ڪوشش دوران شهرين جي هجوم هڪ جوابدار کي پکڙي تشدد ڪري ماري ڇڏيو

تحريڪ انصاف نئين حڪمت عملي ترتيب ڏني

ڪراچي ۾ ڦرواقعن دوران تشدد ۽ فائرنگ ۾ 2 مبينا ڦورو مارجي ويا

ڪراچي جي اورنگي ٽائون ۾ ڦر جي ڪوشش دوران شهرين جي هجوم هڪ جوابدار کي پکڙي تشدد ڪري ماري ڇڏيو

شهرين جي تشدد ۾ هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو، پوليس لاش ۽ زخمي جوابدار کي تحويل ۾ رئي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ڦرجي مبينا واقعي دوران شهرين ۽ جي فائرنگ ۾ زبير نالي هڪ جوابدار مارجي ويو، فائرنگ ۾ واڌهڙو عام زخمي ٿي پيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڦر جي واقعن دوران مبينا ٻور 2 جوابدار مارجي ويا. ڪراچي جي تشدد ڪري ماري ڇڏيو شهرين جي هجوم هڪ جوابدار کي پکڙي تشدد /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

قومي اسيمبلي جي سيٽن تان استعيفائون ڏيڻ يا نه؟ پي ٽي آءِ نئين حڪمت عملي جوڙي ورتي

عمران خان به ڏينهن اڳ اعلان ڪيو هو ته سندس پارٽي جا ايم اين ايز اسيمبلي جي تصديق لاءِ سومر جي ڏينهن اسپيڪر آڏو پيش ٿيندا

پارٽي چيئرمين طرفان 28 هين ڊسمبر تي اجلاس طلب ڪري نئين حڪمت عملي ترتيب ڏني وئي آهي: پي ٽي آءِ ذريعا

پي ٽي آءِ ايم اين ايز پاران سياڻي استعيفائن جي تصديق لاءِ اسپيڪر راجا پرويز اشرف آڏو پيش نه ٿيڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد (ص ڊ) قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي استعيفائن جي تصديق لاءِ پاڪستان تحريڪ انصاف نئين حڪمت عملي ترتيب ڏني چڪي. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان به ڏينهن اڳ اعلان ڪيو هو ته سندس پارٽي جا ايم اين ايز اسيمبلي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ حڪومت ۽ پ پ طرفان مسيحي برادري کي ميري ڪرسمس پيش ڪريان ٿو: ناصر شاهه

پاڪستان جو آئين سمورن مذهبن جي پوئلڳن کي پنهنجي عقيدن تي عمل ڪرڻ جو مڪمل تحفظ ڏئي ٿو

قائداعظم محمد علي جناح ۽ قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان ۾ رهندڙ مذهبي برادرين کي همٽيشه گڏ ڪٽي هليا

25 ڊسمبر تي آءُ سموري مسيحي برادري کي ڪرسمس جي تهوار تي دل جي گهرائين سان واڌايون پيش ڪريان ٿو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي بلديات ڪاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪرسمس جي موقعي تي مسيحي برادري کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي طرفان مسيحي برادري کي ميري /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه منعقد ٽيل سيمينار کي خطاب ڪندي

يارنهن جنوري کان اڳ پنجاب ۾ اعتماد جو ووٽ ونندا سين: عمران خان

اسٽيبلشمينٽ سان ڪو به رابطو ناهي ٿيو، لڳي ٿو ته اسٽيبلشمينٽ اپريل ۾ چونڊون ڪرائيندي، اسيمبلين ٽٽندين ته چونڊون ڪرائڻين پونديون

اسيمبلين ٽٽڻ کانپوءِ چونڊون روايتي جو شڪار ٿيون ته آسان کي پوءِ به فرق نه پوندو، آسان فوري طور اسيمبلين انڪري نه ٽوڙيون جو اتحادين کي به راضي ڪرڻو هو

ڪابه قوم پنهنجي شرگ دشمن جي هٿ ۾ رڇڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهي، ڪشميرين جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکڻ جو عزم ڪيو

لاهور (ص ڊ) وزيراعظم عمران خان چيو آهي ته يارنهن جنوري کان اڳ پنجاب ۾ اعتماد جو ووٽ ونندا سين. لاهور ۾ سينيئر صحافين سان گالهه ٻولهه ڪندي عمران خان جو چوڻ هو ته اسٽيبلشمينٽ سان ڪو به رابطو ناهي ٿيو هن چيو ته لڳي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 23

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير پرويز الاهي اجلاس جي صدارت ڪندي

خانپور ويجهو هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ عورت مارجي وئي

خانپور (رپورٽر) خانپور ويجهو هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ عورت مارجي وئي. ڳوٺ عالم جتوئي ۾ هٿيار بندن فائرنگ ڪري مسمات نصيبه جتوئي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي مقتول عورت جي امڙ جو چوڻ آهي ته الهه بچايو ۽ علي مراد جتوئي ۽ ڄ ۾ زمين جو تڪرار هلندڙ هو. جوابدار علي مراد جتوئي فائرنگ ڪري منهنجي نياڻي ۽ الهه بچايو جي زال کي قتل ڪيو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28

سرئي گئس انتظاميه گئس جي بندش سبب شهرين کي ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي: محمد جاويد ميمڻ

سجو سجوڏينهن گئس جي بندش ۽ پريشر ۾ گهٽتائي جي ڪري عورتن کي رڌ پچاءُ ۾ شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو ٿو

ڪالين ۽ ايل پي جي گئس جي استعمال سان غربت مهانگائي، بيروزگاري جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ عوام جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي

حڪومت فوري طور تي سکر ۾ گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ پريشر ۾ گهٽتائي جي مسئلي کي حل ڪري نه ته ان جي خلاف پريس احتجاج ڪيو ويندو

سکر (رپورٽر) سکر ڊيولپمينٽ اٿارٽي جي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جيو آهي ته گئس انتظاميه گئس جي بندش ۽ پريشر ۾ سياري جي شروعات ٿيڻ سان گڏ ٿي سوئي گهٽتائي ڪري شهرين کي ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪري /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

اڄ قائدِ اعظم ۽ نواز شريف جو جنم ڏينهن آهي: خواجا آصف

ن ليگ قائد جي قيادت ۾ ملڪ کي مضبوط بڻائيندا سين، آسان جي مخالفن سپ حدون اورانگهي چڪيون آهن پر آسان ان سطح تي اچي جواب نه ڏيندا سين

سياسي جنگ اڇلهه سوشل ميڊيا تي وڙهي پئي وڃي، دعا آهي ته نواز شريف جي اڳواڻي ۾ آسان مُلڪ جو بجاءِ خدمت جاري رکي سگهون

اڄ قائدِ اعظم ۽ ميان نواز شريف جو جنم ڏينهن آهي، دعا آهي ته آسان نواز شريف جي قيادت ۾ مضبوط ترين بڻائي سگهون ٿا

سيالڪوٽ (ص ڊ) بجاءِ وارو وزير خواجا آصف جيڪو آهي ته آسان جي مخالفن سپ حدون اورانگهي چڪيون آهن پر آسان ان سطح تي اچي جواب نه ڏيندا سين. نواز شريف ڪڏهن به ڳٽي بولي ناهي ڳالهائي ۽ نه ڪارڪن سماجي رابطن واري ويب سائيٽس /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

سيالڪوٽ: بجاءِ وارو وزير خواجا آصف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

برسات ٻوڏ متاثر فنڪارن جي مالي مدد لاءِ چيئرٽي پروگرام ڪرائڻ سارا هجوگو ڪم آهي: ارسلان شيخ

سکر (رپورٽر) جيئي لطيف سنڌ سنگيت فنڪار ويلفئر ايسوسي ايشن سنڌ طرفان تن ڏينهن واري راڳ رنگ چيئرٽي پروگرام جو افتتاح سکر جي اڳوڻي ميئر ارسلان اسلام شيخ ڪيو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ارسلان اسلام شيخ چيو ته جيئي لطيف سنڌ سنگيت ويلفئر پاران برسات ٻوڏ متاثر فنڪارن جي مالي مدد لاءِ چيئرٽي پروگرام ڪرائڻ سارا هجوگو ڪم آهي پين فنڪار /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي ۾ قرمزاحمت تي اداڪارا جو پاءُ قتل

پاءُ کي واردات دوران ڦورن قتل ڪيو، واردات سيڪنڊن ۾ ٿي، تڪرار ذاتي دشمني لڳي ٿو: پوليس جي دعويٰ

سندس پاءُ عبدالوحيد هريل جڙي ٻوٽين جو ڪم ڪندو هو، ڪيس جوابدارن دڪان ۾ گهڙي مزاحمت تي قتل ڪيو

ڪنهن سان دشمني نه هئي، ٻئي پاسي اداڪارا جي پاءُ جي ٽيجهي بعد هن قانوني ڪاروائي جو فيصلو ڪيو آهي

ڪراچي (ص ڊ) ڪراچي جي علاقي جمشيد ڪوارٽر ۾ گروميندر ويجهو پاڪستان جي مشهور اداڪارا سلومي عزيز جي پاءُ کي قتل ڪيو ويو اداڪارا سلومي جوچوڻ آهي ته پاءُ کي واردات دوران ڦورن قتل ڪيو جڏهن ته پوليس جي دعويٰ آهي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلس شهيد بينظير آباد ۾ والدين جي ڏهاڙي جي تقريب منعقد

پاسنگ آئوٽ بيج ۽ ٻئين سالياني والدين جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪيڊٽ ڪاليج نياٽين کي نصابي ۽ غير نصابي، اخلاقي ۽ مذهبي تعليم ڏئي رهيو آهي: فريال ٽالپر

شاگردن انٽرنيشنل سطح تي نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو آهي

نوابشاه (رپورٽر) بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلس شهيد بينظير آباد جي بيچ 2 جي 60 ڪيڊٽس جي پاسنگ آئوٽ ۽ سالياني والدين جي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ پُر رونق تقريب ڪاليج ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ميمبر سنڌ اسيمبلي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

نواب شاهه: بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلس شهيد بينظير آباد ۾ والدين جي ڏهاڙي تي منعقد ٿيندڙ تقريب جو ڏيک

آمريڪا ۾ سياري جو وڏو طوفان، برفباري، لکين ماڻهو قاسي پيا، سوين اڏامون معطل

واشنگٽن (ص ڊ) آمريڪا ۾ سياري جي منڊ جي وڏي طوفان سبب ڪيترين ئي رياستن ۾ سخت سيءَ ۽ برفباري ٿي آهي. 10 لک کان وڌيڪ آبادي بجلي کان محروم آهي ۽ سوين اڏامون معطل ڪيون ويون آهن. آمريڪي ميڊيا موجب سخت ٿڌ ۽ برفباري سبب ڪيترائي ماڻهو فوت ٿيڻ جا به اطلاع آهن. جڏهن ته جارجيا، نارٿ ڪيرولينا ۽ ڪينٽڪي ۾ هنگامي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 26

خانپورمهر ۾ سرڪار پاران سستو اٽو نه ملڻ خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

سنڌ سرڪار پاران سستو اٽو فراهم ڪرڻ واري اعلان تي عمل نه ٿيو آهي:مظاهرين

ماٹھن پورل چنو. مسمات نظامان. غلام حسين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڊي سي گهوٽڪي ۽فوڊ ڪاتي جي عملدارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ سرڪار پاران سستو اٽو نه ملڻ خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو. خبرموجب. خانپورمهر ۾ سنڌ سرڪار پاران سستو اٽو فراهم ڪرڻ واري اعلان تي عمل نه ٿيو آهي.سستي اڳهه تي فلور انتظاميه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

خانپورمهر: شهري سستو اٽو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

فريال تالپر پاران ٽيليسميا ڪيئر سينٽر نوابشاه جي نئين بلڊنگ جو افتتاح

سکرنڈ (رپورٽر)ايم پي اي فريال تالپر ٽيليسميا ڪيئر سينٽر نوابشاه جي نئين بلڊنگ جو افتتاح ڪيو.جنهن بعد ٽيليسميا جي هارن سان ملاقات ۾ ڪئي سائس گڏ ضياء الحسن لنجار ، صوبائي وزير سردار علي شاه ۽ ايم پي قاسر سومرو ۽ ٻيا ان موقعي تي سينٽر جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

گهوٽڪي جي صحافي زوهيب احمد جي پاڻيجي کان شاهه فيصل اناج منڊي وٽان قرڪ

شاه فيصل اناج منڊي گهوٽڪي وٽان هٿيارن جي زور تي موبائل فون قرڪئي وئي

وارداتن ۾ تمام گهٽو اضافو ٿيندو پيو وڃي پوليس ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام

گهوٽڪي (رپورٽ:لالچند موٽواڻي) نوجوان صحافي زوهيب احمد جي پاڻيجي کان شاهه فيصل اناج منڊي گهوٽڪي وٽان هٿيارن جي زور تي موبائل فون قرڪئي وئي.پوليس کي بروقت اطلاع بعد به جوابدار آساني سان فرار گهوٽڪي ڪراچي بعد هاڻي گهوٽڪي شهر اندر موبائل قرڪرڻ جي وارداتن ۾ تمام گهٽو اضافو ٿيندو پيو وڃي پوليس ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٻئي طرف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

تلهار لڳ هڪ ٻيو روڊ حادثو، سوزڪي ڊرائيور فوت، گهر ۾ ڪهرام

تلهار حيدرآباد روڊ بدين روڊ تي پرسان ڊمپر ۽ سوزڪي جي آمهون ٽڪر ٿيو

ڊرائيور تلهار جو رهواسي سوزڪي ڊرائيور عرفان علي ڀهراڻي موقعي تي فوت ٿي ويو

بدين(رپورٽ مرتضي) تلهار لڳ هڪ ٻيو روڊ حادثو سوزڪي ڊرائيور فوت تفصيل موجب بدين جي حيدرآباد بدين تي روڊ تي روز بروز روڊ حادثن ۽ انساني جانين جو سلسلو نه گهٽجي سگهيو آهي ان ڏس آڇ واري ڏينهن تلهار حيدرآباد روڊ بدين روڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سرحد پريس ڪلب جون چونڊون، راڻا راحت صدر ۽ عبدالحميد ايڏرو جنرل سيڪريٽري ٿي ويا

شهر جي سياسي سماجي ڏرين پاران نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪن جو سلسلو جاري

سينيئر صحافي تاج تانوري، شفيع محمد ابڙو، ڪاشف قلهيوتو، جي نگراني ۾ ٿي گذريون

سرحد (رپورٽر) سرحد پريس ڪلب جون چونڊون، راڻا راحت صدر ۽ عبدالحميد ابڙو جنرل سيڪريٽري ٿي ويا. سياسي سماجي ڏرين پاران نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪن جو سلسلو جاري. خبرموجب سرحد پريس ڪلب جون سال 2023 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سرحد: پريس ڪلب جون چونڊون ٿي گذريون.چونڊيل عهديدارن کي مبارڪن جو سلسلو جاري آهي

جماعت اصلاح المسلمين دادو زون جو اجلاس، عهديدارن پاران شرڪت

روحاني طلبه جماعت ضلع دادو زون 1 جي عهديدارن ۽ خلفاء ڪرام شرڪت ڪئي

صحتمند انسان ئي الله رب العالمين جي عبادت ۽ مخلوق جي خدمت ڪري سگهي ٿو:علماء

دادو (رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي)جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون 1 جو سالياتو چونڊ اجلاس مرڪز سبحان مسجد دادو ۾ جماعت اصلاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين ۾ ماڪ پروڙ جي ڪري رستن تي لائينون هاري گاڏين جي رفتار گهٽ

گاڏين جي ڊرائيورن حادثن کان بچڻ لاءِ گاڏين جون بتيون هاري چڏيون

صبح ۾ احتياط سان گاڏيون هلائين ته جيئن مسافرن جي زندگي بچي سگهي

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين ۾ ماڪ (ڪوهيڙو) پوڻ جي ڪري رستن تي اونداهي گاڏين جي ڊرائيورن حادثن کان بچڻ لاءِ گاڏين جون بتيون هاري چڏيون ضلع جي پنگريو شادي لارج ڪوسڪي ٽرڪول روڊ ڪوهيڙو ماڪ جي ليبٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز ۾ اڳوڻي وزير اعظم نواز شريف جي 73هين سالگرهه ملهائي وئي

ڪارڪن پاران مسلم ليگ ن هائوس نوشهروفيروز ۾ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ايڊووڪيٽ اظهر خان رند محمد ملڪ علي محمد چانڊيو انيل احمد وستار شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ جي باني ميان محمد نواز شريف جي 73هين سالگره جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز: اڳوڻي وزير اعظم نواز شريف جي سالگرهه جي تقريب ۾ ڪارڪن ڪيڪ ڪاڻي رهيا آهن

ٽنڈوباگو نندر روڊ تي گاڏي جي ٽڪر سبب تازو پرتي ٽيل ليڪچرار فوت

تازو پرتي ٽيل ليڪچرار سراج احمد هاليپوٽو پٽ سومار هاليپوٽو فوت ٿي ويو

نوجوان ڪوسڪي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ اردو جو ليڪچرار مقرر ٿيو هيو

ٽنڈوباگو(رپورٽ:سهيل سمون)ٽنڈوباگو نندو روڊ تي ٽنڈو شهر کان ايندڙ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار گوٽ بجو هاليپوٽو جو رهواسي نوجوان تازو پرتي ٽيل ليڪچرار سراج احمد هاليپوٽو پٽ سومار هاليپوٽو فوت ٿي ويو آهي. اطلاع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڈو باگو جي اهر گڏجاڻي، عهديدار چونڊيا ويا

ٽنڈو باگو ۾ ضلعي رابطا سيڪريٽري فراق هاليپوٽو جي صدارت ۾ ٿي گذري

سيڪريٽري نوراحمد سمون،جوائنٽ سيڪريٽري جمن شاه،ڪائونسلر اشو لوهاڻا چونڊيا ويا

ٽنڈوباگو (رپورٽ:سهيل سمون)سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڈو باگو جي اهر گڏجاڻي سير غلام محمد خان تالپر لائبريري ٽنڈو باگو ۾ ضلعي رابطا سيڪريٽري فراق هاليپوٽو جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ سال 2023ع لاءِ نئين عهديدار چونڊيا ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڈو باگو: سنڌي ادبي سنگت شاخ جي چونڊ بابت گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

ملڪ جي باني قائد اعظم جو 146 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو ويو

قائد اعظم محمد علي جناح رح جو 146 جنم ڏينهن فضلي هائوس ملهايو ويو

قائد اعظم محمد علي پنهنجي اڻ ٽڪ جدوجهد سان پاڪستان حاصل ڪيو: اڳواڻ

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ملڪ جي باني قائد اعظم جو 146 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو تفصيل موجب ملڪ جي باني قائد اعظر محمد علي جناح جو 146 جنم ڏينهن فضلي هائوس تي ملهايو ويو جنهن ۾ پروفيسر محمد مدل جسڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پ پ ضلعي نئين جو اڳواڻ پير غلام رحماني شاه عيساڻي هائوس پهتو

شيرازي گروپ جي اڳواڻ علي اڪبر عيساڻي سان پيڙ جي وفات تي تعزيت ڪئي

پ پ پ واحد عوامي پارٽي آهي، جنهن جون پاڙون جنڊي صوبن ۾ قائم آهن:غلام رحماني

دڙو (ن سنڌ يار) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي نئين جي اڳواڻ ۽ پنهنجي وقت جي ڪامل ولي حضرت پير غلام جيلاني شاه جيلاني رحمت علي جي فرزند پير غلام رحماني شاه جيلاني جي عيساڻي هائوس تي آمد. پير غلام رحماني دڙو ۾ شيرازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي پرياسٽي پاران ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ڪارڪن پاران ضلعي نائب صدر غلام شبير ميراڻي ۾ اڳواڻي ۾ تقريب ٿي

60 هين سالگرهه جي موقعي تي سالگرهه جون مبارڪون پيش ڪيون ٿا: غلام شبير ميراڻي

نوشهروفيروز(رپورٽ:منظور ملڪ)سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي پرياسٽي پاران ضلعي نائب صدر غلام شبير ميراڻي اڳوڻي ضلعي رابطه سيڪريٽري ضمير سهتو ظهير عباس ميراڻي ڪاشف ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريسٽي پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: سنڌ ترقي پسند پارٽي جا ڪارڪن ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

بدين ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج مظاهرو

ٽيسٽ ڏينڊز 40 کان 50 تائين مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن احتجاجي مظاهرو ڪيو

بشري نور علي ۽ شڪيلا آرائين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

پي ايس ٽي جون سيٽون خالي پيل آهي پرانهن کي ظاهر ڪري آفر آرڊر جاري نه ٿا ڪيا وجن: الزام

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج مظاهرو تفصيل موجب آئي بي اي سڪر ۾ استادن جي ٽيسٽ ڏينڊز 40 کان 50 تائين مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن اياز علي ملاح محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين: آئي بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

عبدالله شاه غازي ڳوٺ جي

بلاڪ ۾ سنڌ جي نامياري شاعر

استاد جي ورسي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي عبدالله شاه غازي ڳوٺ جي Gبلاڪ ۾ سنڌ جي نامياري شاعر استاد پيرل قمبر جي 28 هين ورسي بزم پيرل قمبر شهداڪوٽ طرفان ملهائي وئي جنهن ۾ شاعرن سميت ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي عبدالواحد سومرو استاد پيرل قمبر جي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پيرل قمبر سلي شاعر هجڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اسلام ڪوٽ ۾ پوليس اهلڪار جي جگهه مان نوجوان جو پنڪي ۾ ٽنگيل لاش هٿ

فوتي جي وارثن جو پوليس اهلڪار تي شڪ،اهلڪار کي پوليس حراست ۾ وٺي چڏيو

23 ورهين جي نوجوان نياز احمد ولد امام علي بجير جو پنڪي ۾ ٽنگيل لاش هٿ آيو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ پوليس اهلڪار جي جگهه مان نوجوان جو پنڪي ۾ ٽنگيل لاش هٿ اچڻ وارو ماسرو.وارثن جو پوليس اهلڪار تي شڪ.اهلڪار کي پوليس حراست ۾ وٺي چڏيو.وڌيڪ 3 ڄڻا گرفتار ٿيڻ جا اطلاع.جانچ شروع. خبرموجب:اسلام ڪوٽ شهر ۾ بجير پاڙي جي گدام لڳ پوليس اهلڪار جي جگهه مان 23 ورهين جي نوجوان نياز احمد ولد امام علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سائين جي ايم سيد جي 119 هين سالگرهه جي ملهائڻ جون سرگرميون تيز

ڳوٺ در محمد ابڙو ۾ سائين جي ايم سيد جي 119 سالگرهه جي سلسلي ۾ گڏجاڻي

سيمينار ۽ سالگرهه تقريب کي ادبين، دانشورن، شاعرن ۽ قومي ڪارڪنن ٻيٽا پيش ڪئي

جي ايم سيد جي نظري کي ڊال ٻٽائي ڪجهه قومپرست اڳواڻ ڪڪ پتي مان ارب پتي بڻجي ويا:اڳواڻ

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي 119 هين سالگرهه جي ملهائڻ جون سرگرميون تيز ٿي ويون، دادو ۾ جيئي سنڌ انقلابي محاذ طرفان گوٺ در محمد ابڙو ۾ سائين جي ايم سيد جي 119 سالگرهه جي سلسلي ۾ سيمينار ٿي گذريو، سيمينار کي سالگرهه تقريب کي ادبين، دانشورن، شاعرن ۽ قومي ڪارڪنن ٻيٽا پيش ڪئي. سالگرهه تقريب کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪرنڈ ۾ مسجد سيدنا علي

المرتضيٰ مصطفيٰ ۾ قرآن مجيد

مڪمل ڪرڻ جي تقريب

سڪرنڈ(رپورٽر) قرآن مجيد مڪمل ڪرڻ جي تقريب مسجد سيدنا علي المرتضيٰ مصطفيٰ سٽي سڪرنڈ ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ استاد القراء قاري گل محمد ملڪ جن حافظ قرآن ڪليم الله بروهيءَ جو آخري سبق پڙهي. جنهن ۾ ڪراچي ڪان حاجي محمد ذڪريا خاص شرڪت ڪئي. ان موقعي تي علامه زين العابدين راهي. مولانا عبدالقدوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: جي ايم سيد سالگرهه جي موقعي تي ڪارڪن ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن پي طرف ريل ڪديو وئي

شڪارپور ۾ لطيف سائينءَ بابت تاريخي ۽ شاندار فڪري ليڪچر پروگرام، ساڃاهه وند شريڪ

ليڪچر لطيف جو ولادت کان وصال تائين وارو دور ڊڪيڙ، حڪمرانن جي ظلمن جي انتها وارو دور رهيو

نارويور ۾ لطيف شناسي بابت نالي واري ادیب ۽ ڪالمست نسير بخاري جي صدارت هيٺ ليڪچر ٿيو

مختيار سومرو، ميرمارفاڻي، سليم رضا اوڊو، شهاب الدين سنجراڻي صحافين عديل علوي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) شڪارپور ادبي ۽ سماجي فورم باران سردار احمد شاه ڪلياري لائبريري نارويور ۾ لطيف شناسي بابت نالي واري ادیب ۽ ڪالمست نسير بخاري جي صدارت هيٺ فڪري ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو.جنهن ۾ شاه جي رسالي جي سُر ''ڪاهوڑي'' تي ليڪچر ڏيندي سينيئر ادیب ۽ تعليمدان انور علي سومرو چيو ته اڄ ڪان انگريزن تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

تقريبن جي موقعي تي فول پروف سيڪيورٽي ڪي يقيني بڻايو وڃي: محمد يونس چانڊيو

قائداعظم جي ڏهاڙي جي حوالي سان پريس ڪلبن، اسڪولن، ڪاليجن تي نفري مقرر ڪئي وڃي

قائداعظم جي ڏهاڙي ۽ ڪرسمس جي موقعي تي پبلڪ پارڪن ۾ اضافي اهلڪارن کي مقرر ڪيو وڃي

عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ اسان جي اولين ترجيح آهي، ان سلسلي ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد رينج محمد يونس چانڊيو قائداعظم محمد علي جناح جي جنم ڏهاڙي ۽ مسيحي برادري جي مذهبي ڏڻ جي موقعي تي شهيد بينظير آباد رينج ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد رينج محمد يونس چانڊيو

بدين ۾ روزانو 15 کان 18 ڪلاڪ بجلي بند، عوام جو احتجاج

گولاڙچي ٽنڈوباگو تلهار ماتلي ۾ روزانو لوڊ شيڊنگ جو سلسلو جاري آهي

اختيارين سيشن ڪورٽ کي ڏنل شيڊول کي ٽڏي عوام کي آزار ۾ وڌهي چڏيو

چار ڪان پنج ڏينهن انهن علاقن جي بجلي بند رهڻ ڪري پاڻي جي سپلائي پڻ سخت متاثر

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) بدين ضلع ۾ روزانو 15 کان 18 ڪلاڪ بجلي بند عوام جو احتجاج تفصيل موجب بدين ضلع جي شهرن بدين گولاڙچي ٽنڈوباگو تلهار ماتلي ۾ روزانو لوڊ شيڊنگ جو سلسلو جاري آهي جيڪر اختيارين وفاقي حڪومت جي ڪيل اعلان سيشن ڪورٽ کي ڏنل شيڊول کي ٽڏي عوام کي آزار ۾ وڌهي چڏيو آهي ڏينهن جو هر ٻن ڪلاڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي هدايتن تي پوليس پاران ڪارروايون

ڪارروائين دوران چرس، نقصانڪار گٽڪو، چوري ۽ چوري ٽيل 05موٽرسائيڪلون هٿ

ابڙان ٽائٽي جي پوليس اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي چرس سميت گرفتار ڪيو

موٽرسائيڪلون تصديق بعد مالڪن غلام رسول سيال ۽ محمد يوسف سيال حوالي ڪيون ويون.

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي جي هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن. چرس، نقصانڪار گٽڪو، چوري ۽ چوري ٽيل 05موٽرسائيڪلون. هڪ ڊيٽسن هٿ.ابران ٽائٽي جي پوليس گجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي جوابدار محمد جمن ڏڪر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سڪرنڈ پرسان نيشنل هاءِ وي

تي پناڻا بوروٽ ڪار ۽ ٽرڪ

۾ حادثو پيش

نوشهروفيروز: پوليس پاران مختلف ڪارائين ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري ۽ هٿ آيل سامان

سڪرنڈ پرسان نيشنل هاءِ وي تي پناڻا بوروٽ ڪار ۽ ٽرڪ ۾ حادثو پيش. 3 ڄڻا زخمي. خبر موجب ته پنهنجي ڪار ۾ هالا ڪان پڪا چانگ رينڊز فضلي سان نيشنل هائي وي تي پناڻا بوروٽ نيز رفتاري سبب ٽرڪ سان ايڪسيڊنٽ ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ڊرائيور 28 ورهين جو نور محمد، 48 ورهين جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بينظير ٽنو گلگت بلتستان جي ماٹھن لاءِ تمام گهٽو ڪم ڪيو: سيد مهدي شاهه

اسان قائدين کي ورسي جي ڏاڻن تي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هتي پهچندا آهيون

بلاول ٽنو جي اعتماد کري گلگت بلتستان جو وزير اعليٰ بڻايو ۽ اڄ آئون اتي گورنر آهيان

اسان کي گهرجي هٿ مضبوط ڪريون چاڪاڻ ته بلاول ٽنو زرداري ملڪ جو ايندڙ وزير اعظم آهي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود ٽنو) شهيد راڻي محترمه بينظير ٽنو جي 15 هين ورسي جي مرڪزي تي گلگت بلتستان جو گورنر سيد مهدي شاهه گڏهي خدابخش ٽنو پهچي ويو. گورنر گلگت بلتستان مهدي شهيد محترمه بينظير ٽنو. شهيد ذوالفقار علي ٽنو. بيگم نصرت ٽنو. شهيد مير مرتضيٰ ٽنو. شهيد مير شاهنواز ٽنو جي مزارن تي حاضري پيري گل رکي فاتحه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

سومر 26 ڊسمبر 2022ع

صحت کاتو کھڙي مرض جي دوا آهي ؟

برساتي ہوڏ کي ختم ٿئي تقريبن ڇهہ مهينا ٿي ويا آهن پر ان جون تباهڪاريون ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿيون وٺن بلڪ نئين سڃ نيون تباهيون ظاهر ٿي رهيون آهن جيڪي موت بڻجي انهن ہوڏ متاثر علاقن تي لامارا ڏئي رهيون آهن ۽ روز ڪيترين ئي حياتيون ان جو شڪار ٿي رهيون آهن.ايئن بہ ناهي تہ ڪو حڪمرانن يا لاڳاپيل انتظاميا کي انهن جي خبر يا اندازو ناهي، پر پرواهہ نہ هجڻ ڪري انهي موت کي تارڻ لاءِ اهي نہ ڪي بندوبست ڪري رهيا آهن ۽ نہ ئي انهن جي ڪا دلچسپي آهي ،ڇاڪاڻ تہ شڪار اهو بي وس ،بي پهچ ۽ لاچار عوام آهي جنهن جي وٽن يا تڪڪس جي پئسن تي اهي وزير مشير يا ڪامورا پنهنجي آرامده ڪرسين ۽ سهولتن سان پرپور بنگلن ۾ سڪون سان گذاري رهيا آهن.سڌريل معاشرن ۾ هڪ انسان جي جان بچائڻ لاءِ سڄي مشينري حرڪت ۾ اچي ويندي آهي پر هتي تہ هڪ ڳوٺ ۾ يا هڪ خاندان ۾ 20، 20 جنازا ڪجڻ ڪانپوءِ بہ نہ حڪمرانن جي هنيانءَ کي جهبو ٿو اچي نہ ئي وري لاڳاپيل انتظاميا کي ڪي شرم جا پور پون ٿا.ہوڏ ڪانپوءِ جيڪو سپ ڪان وڏو خطرو ڏيکاريو ويو هو تہ انهي برساتي ہوڏ ۾ جيڪو جاني نقصان ٿيو آهي شايد بيماريون پکڙجڻ ڪري انهي کان بہ وڌيڪ جاني نقصان ٿئي تنهن ڪري صحت جي عالمي اداري جي هدايتن موجب صحت ڪاتو پنهنجي تياري ڪري تہ انهي کي ڪيئن منهن ڏجي، پر جيئن اسان جي ہين ڪاتن جو حال ہوڏ ظاهر ڪيو ايئن ئي صحت ڪاتي جي ڪارڪردگي کي بہ نروار ڪيو آهي اهليت هوندي بہ اهي عوام جي پرواهہ نہ هجڻ ڪري ڪجهہ بہ ڪرڻ جي فڪر ۾ ناهن جنهن ڪري ايڏا تائين مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان اهي ئي موت جون خبرون اچي رهيون آهن جيڪي صحت ڪاتي جي لاپرواهي جو نتيجو آهن.

برساتي ہوڏ ۾ جيڪو ضلعو سپ ڪان وڌيڪ متاثر ٿيو اهو دادو ضلعو آهي جنهن جو هڪ تعلقي جوشهر ڪي اين شاهہ ہيهر ہڏي ويو جڏهن تہ ہيو سجو ضلعو بہ وڏن شهرن ڪي چڏي مڪمل طور پاڻي هيٺ هو.روڊ رستا بند ٿيڻ ڪري سپ ڳوٺ شهرن ڪان ڪٽجي ويا جنهن ڪري اهي ہين سهولتن سان گڏ صحت جي سهولتن ڪان بہ محروم ٿي ويا. روز ڪنهن نہ ڪنهن ڳوٺ مان ماڻهن جي مرڻ جون خبرون ايندیون رهيون اها حالت تقريب هر ہوڏ متاثر علاقن جي هئي پر ڪاڇي جو هڪ ڳوٺ بکر جمالي سڄي ميديا جي خبرن جو مرڪز رهيو جتي هڪ مهيني اندر 30 کان وڌيڪ فوتگيون ٿيون پر صحت ڪاتي جي ڪن ٽي جونہ بہ نہ چري، رهندو انتظاميا اهو بيان جاري ڪري پنهنجي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهي فوتگيون مليريا جي ڪري نہ ٿيون آهن،جيڪڏهن انهن جو اهو موقف مڃي بہ وٺجي تہ اهي موت مليريا جي ڪري نہ ٿيا آهن تہ چا صحت ڪاتي جو ڪم رڳو مليريا جي مرض کان بچاءُ جون ڪوششون ڪرڻ آهي، چا انهن جو اهو ڪم ناهي تہ معلوم ڪن تہ اهي موت چو ٿي رهيا آهن ۽ ہوءِ انهي کان بچاءُ لاءِ قدم کٽن. کالهہ وري هڪ خبر آئي آهي تہ انهي ساڳئي ڳوٺ ۾ هڪ ئي ڏينهن ۾ معصوم ٻاءُ ٻيڻ فوت ٿي ويا آهن چا صحت ڪاتو وري اهو بيان جاري ڪري چپ ٿي ويندر تہ اهي موت مليريا جي ڪري نہ ٿيا آهن؟

اسان سمجهون ٿا تہ اها انتهائي افسوس ۽ گڻتي جوڳي گالهہ آهي تہ صحت ڪاتي جي لاڳاپيل انتظاميا پنهنجي ڏميواريون ادا ڪرڻ بدران سڄي سنڌ جي ماڻهن کي موت جي منهن ۾ اڪيلو ۽ بي وس چڏي ڏنو آهي، جڏهن تہ ڪاغذن ۾ وري ايتريون تہ موبائيل اسپتالون،طبي ڪيمپس ۽ سهولتون ڏيکاريل هوندیون جن جو زمين تي وجود ئي ناهي.هي فوتگيون قدرتي نہ آهن اهي قتل آهن جيڪي صحت ڪاتي جي لاپرواهي ۽ پنهنجون ڏميواريون ادا نہ ڪرڻ سبب ٿيا آهن.تنهن ڪري سنڌ سرڪار اکيون کولي انهن ڪامورن خلاف ڪارروائي ڪري جن جي لاپرواهي سبب هتي موت ٿيا آهن ۽ ايجا بہ ٿي رهيا آهن جيڪڏهن سرڪار ڪارروائي نہ ڪئي تہ ڪامورا تہ پنهنجي نوڪري ڪري هليا ويندا عوام ناراض انهن وزيرن مشيرن تي ٿيندو جن کي ووٽ ڏئي هو اقتدار تائين پهچائين ٿا.

بقايا 01 ***

سياست تي ٻڌل آهي، نندي ڪنڊ جي مسلمانن لاءِ قائد اعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ ڪيل جدوجهد مسلمانن کي آزاد ۽ خود مختيار مملڪت ڏياري. پنهنجي پيغام ۾ هن چيو تہ قائد اعظم محمد علي جناح قانون جي حاڪميت جي لاءِ دليل جي طاقت سان سياست ڪئي. هن چيو تہ قائد اعظم جي طرز سياست جي پيروي سان ٿي ملڪ ۾ جمهوريت مستحڪم ٿيندي. شريحل انعام ميمڻ چيو تہ قائداعظم جي سموري زندگي اصولن جي سياست تي ٻڌل آهي. قائد اعظم محمد علي جناح جي ولادت جي ڏاڻي تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا.

بقايا 02 ***

ٿي ڪنهن خلاف گهت وڌ نہ ڳالهايو. هن چيو تہ انسان رٻ جار حڪومتون آهن، حڪومتون هلائون ۽ عوام جي خدمت ڪين قومي اسيمبلي ۾ واپس اچي اتي اچي ڳالهيون ۽ اختلاف ڪيو هائي چا سياست سيکاريو ۽ انسان جو ڪر آهي، جڏهن تہ اسيمبلي نہ تنڍي ۽ پنهنجو ڪر جاري رکندي. خواجا سعد رفيق چيو تہ عمران خان کي آٽو واري تجربو ناڪام ٿي ويو جنهن سزا اڄ ملڪ ڀوڳي رهيو آهي، اسيمبليون ٽوڙڻ لاءِ فيصلا ڪرڻ لاءِ نهڙندیون آهن، ڏاڙو هٽڻ ۽ نعرهبازي سان ڪم ناهي هلندو، عمران خان سازش ڪرڻ بدران عوام جي خدمت ڪري، سندس سڄي سياست ڪوڙ ۽ رڳو ڪوڙ جي ڇوڙاري ڦري ٿي. هن وڌيڪ چيو تہ پنجاب جي وڏي وزير کي اعتماد جو ووٽ ونڊو ۽ پنجاب جي وڏي وزير کي مان ڪيڏو لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا.

بقايا 03 ***

فلاحي رياست بڻائي سگهون ٿا. وزيراعظر شهباز شريف چيو تہ قوم کي اڄ قائداعظم جي واضح ڪيل اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان کي اندروني رنجشون ختر ڪري ملڪ جي ترقي لاءِ ڳاڙهي محنت ڪرڻي پوندي وزيراعظر وڌيڪ چيو تہ پارٽ ۾ وڏندڙ مذهبي نفرت بہ قومي نظريي جي سڃائي کي ثابت ڪري ٿي. وزيراعظر شهباز شريف وڌيڪ چيو تہ اڄ قوم کي قائداعظر جي ڏنل اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان کي اندروني انتشار ختر ڪري ملڪ جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪر ڪرڻو پوندو.شهباز شريف چيو تہ قائداعظر جي زندگي اصولن، آئيني جدوجهد ۽ سياسي بصيرت جي عڪاسي آهي، قائداعظر جي زندگي ايمان، اتحاد ۽ تنظير جي سونهري اصولن جو عملي مثال آهي.پاڪستان جي وزيراعظر پنهنجي پيغام ۾ اهو بہ چيو تہ پارٽ ۾ وڏندڙ مذهبي نفرت بن قومي نظريي جي صحيح ثابت ٿئي ٿي.

بقايا 04 ***

۾ هڪ آفيسر سميت پنج فوجي جوان شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب شهيدن ۾ ڪيپٽن، ڪهڙ، لانس نائيڪ امتياز، سپاهي اصغر، سپاهي مهراڻ، سپاهي شمعون شامل آهن آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ ملڪ دشمن ڏرين جي بزدلاڻي ڪارروائين بلوچستان جي امن ۽ خوشحالي کي ختم نٿيون ڪري سگهن، سيڪيورٽي فورسز ۽ ملڪ جا جوان هر قيمت تي دشمن جا عزر ناڪام بڻائڻ لاءِ پرعزر آهن ٻڌي پاسي ليويز اختيارين جو چوڻ آهي تہ ڏاڙي ۾ ڇهہ ڇڻا زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال نيو ويو آهي. سول اسپتال جي ترجمان موجب ڏاڙي جا زخمي اسپتال جي ٽراما سينٽر ۾ علاج هيٺ آهن. زخمين ۾ بارڙي ۽ هڪ عورت بہ شامل آهي، زخمين جي سڃاڻپ عبدالڪيور، زبير احمد، ڪائنات ۽ بي بي جي ٻالن سان ٿي آهي. پوليس موجب ڏاڙي جي حوالي سان وڌيڪ ڄاڻ جاري آهي، ڏاڙي واري هنڌ موجود هڪ ٻڌي دستي بر ڪي بر ڊسپوزل اسڪواڊ ناڪارا بڻائي چڏيو آهي، ٻڌي پاسي بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو ڏاڙي جي مذمت ڪندي زخمين ڪي علاج جون بهترين سهولتون فراهر ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. وڏي وزير آءِ جي پوليس کي هدايت ڪئي آهي تہ شهرين ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ۽ دهشتگردن خلاف ڪارروائين جاري آهن.

بقايا 05 ***

ڊيڻ ڪانپوءِ ڪيس پنهنجي استعيفيٰ موڪلي هئي. ڏريعن موجب جڏهن وڏي وزير اجازت ڪانسواءِ ڳالهائڻ کان روڪيو تہ صوبائي وزير ڪاوڙ ۾ آجي ويو هوءِ استعيفيٰ جي ڌمڪي ڏئي اجلاس مان آئي هليو ويو. پر هائي خبرون آهن تہ پنجاب جي وڏي وزير حسنين بهادر دريشڪ جي استعيفيٰ رد ڪندي چيو آهي تہ حسنين بهادر دريشڪ منهنجي ڪابينا جي قابل وزير مان هڪ آهي. پرويز الاهي جو چوڻ آهي تہ حسنين بهادر مون لاءِ مونس الاهي وانگر آهي، حسنين بهادر دريشڪ جي ڪارڪردگي تمام سٺي آهي.

بقايا 06 ***

جناح جي 146 هين جنر ڏاڻي جي موقعي تي چيو تہ اڄ قائد جي جمهوري قدرن جي ويزن کي برقرار رکڻ جو عزر ڪريون ٿا، عورتن کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ جي قائد جي فرمان تي عمل ڪنداسين اتحاد، ايمان ۽ نظر و ضبط تي عمل ڪندي خوشحالي ۽ ترقي ڏانهن سفر ڪيو هن چيو تہ اڄ اسان عهد ڪريون ٿا تہ صحيح وقت تي صحيح فيصلو ڪنداسين ۽ قائداعظر جي حڪر تي عمل ڪندي ملڪ کي مستحڪر ڪنداسين صدر پاڪستان چيو تہ قائداعظر چيو هو تہ ڪشمير پاڪستان جي شہ رگ آهي، ڪا بہ قوم پنهنجي شہ رگ دشمن جي هٿ ۾ وڃڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهي، ڪشميرين جي اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکڻ جو عزر ڪيو.

بقايا 07 ***

پوليس موجب سبزل روڊ تي ڏماڪي ۾ چار ڄڻا زخمي ٿي ويا جن کي سول اسپتال نيو ويو آهي. سول اسپتال جي ترجمان موجب ڏماڪي جا زخمي اسپتال جي ٽراما سينٽر ۾ علاج هيٺ آهن. زخمين ۾ بارڙي ۽ هڪ عورت بہ شامل آهي، زخمين جي سڃاڻپ عبدالقيور، زبير احمد، ڪائنات ۽ بي بي جي ٻالن سان ٿي آهي. پوليس موجب ڏماڪي جي حوالي سان وڌيڪ ڄاڻ جاري آهي، ڏماڪي واري هنڌ موجود هڪ ٻڌي دستي بر ڪي بر ڊسپوزل اسڪواڊ ناڪارا بڻائي چڏيو آهي، ٻڌي پاسي بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو ڏماڪي جي مذمت ڪندي زخمين ڪي علاج جون بهترين سهولتون فراهر ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. وڏي وزير آءِ جي پوليس کي هدايت ڪئي آهي تہ شهرين ۽ سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو ۽ دهشتگردن خلاف ڪارروائين جاري آهن.

بقايا 08 ***

رهيا آهيون، متحد ٿي ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهون ٿا. وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ گورنر سنڌ ڪامران تسوري قائد اعظر جي مزار تي حاضري پري گلن جي چادر چاڙهي، ان موقعي تي گورنر ڪامران تسوري چيو تہ پاڙيسري ملڪ اسان جي سياسي معاملن ۾ بہ مداخلت ڪري رهيو آهي، ملڪ خلاف سازشن کي منهن ڏيڻ لاءِ متحد ٿيڻو پوندو.

بقايا 09 ***

آهي تہ چوڪري پنهنجي مرضي سان لاڏي ريلوي اسٽيشن پهتي هئي، هن چوڪري رمشا اسٽيشن تي هڪ خاندان کي پنهنجي والدين جي موت بابت ٻڌايو هو ۽ انهن سان گڏ هلي وئي. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ملير موجب چوڪري کي ٽيڪنيڪل سپورٽ جي مدد سان ٽريس ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو تہ چوڪري ۽ ڪي ڪنهن بہ اغوا نہ ڪيو آهي، هوءَ پنهنجي مرضي سان هڪ فيملي سان گڏ وئي هئي. ايس ايس پي انويسٽيگيشن ملير جو چوڻ هو تہ چوڪري کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي، عدالتي حڪر تي چوڪري کي وارثن حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ***

سمبازا ۾ ڪجهي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز طرفان آپريشن ڪيو ويو آءِ ايس پي آر موجب فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن تہ دهشتگردن سان مقابلي ۾ سپاهي حق نواز شهيد ۽ ٻ جوان زخمي ٿي پيا آهن جڏهن تہ علاقائي ڪي دهشتگردن کان ڪليئر ڪرائڻ لاءِ آپريشن جاري آهي.

بقايا 11 ***

ويو آهي.ڏريعن جو چوڻ آهي تہ اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير جي اعتماد جي ووٽ جي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏني ويندي.ان کان علاوہ وڏي وزير پرويز الاهي سان ملاقات ڪندڙ ڪميٽي اڄ عمران خان کي بريفنگ ڏيندي. ملاقات ۾ پرويز الاهي ۽ مونس الاهي جي وچ ۾ ٽيل معاملن تي عمران خان کي بريفنگ ڏني ويندي. ٻئي طرف پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان بہ پارٽي جي قومي اسيمبلي ميمبرن جو اجلاس طلب ڪري ورتو آهي فواد چوڌري چيو تہ اجلاس 28 ڊسمبر تي ڪي پي هائوس اسلام آباد ۾ ٿيندو. عمران خان پارٽي ميمبر قومي اسيمبلي کي ويهہ لنڪ تي خطاب ڪندو.ڏريعن موجب اجلاس ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي استعيفي بابت حڪمت عملي جو فيصلو ڪيو ويندو.

بقايا 12 ***

جي تصديق لاءِ سومر جي ڏينهن اسپيڪر آڏو پيش ٿيندا. پريس ٽي آءِ ڏريعن جو چوڻ آهي تہ پارٽي چيئرمين طرفان 28 هين ڊسمبر تي اجلاس طلب ڪري نئين حڪمت عملي ترتيب ڏني وئي آهي. ڏريعن موجب پي ٽي آءِ ايم اين ايز پاران سياڻپ استعيفائن جي تصديق لاءِ اسپيڪر راجا پرويز اشرف آڏو پيش نہ ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 13 ***

چڏيو آهي، سجو سجو ڏينهن گٽس جي بندش ۽ پريشر ۾ گهٽتائي جي ڪري عورتن کي رڌ پچاءُ ۾ شديد ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪائنات ۽ ايل پي جي گٽس جي استعمال سان غربت مهانگائي، بيروزگاري جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ عوام جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي، حڪومت فوري طور تي سکر ۾ گٽس جي لوڊشيڊنگ ۽ پريشر ۾ گهٽتائي جي مسئلي کي حل ڪري نہ تہ ان جي خلاف پريور احتجاج ڪيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ مختلف علاقن مان ايندڙ شهرين جي وفد سان گالهہ ٻولهہ ڪندي ڪيو. ان موقعي تي مولانا عبيدالله يٻو غلام مصطفي ڪلهوڙو، مفتي محمد چمن زمان قادري، علامہ نور احمد قاسمي، آغا طاهر مغل، عيدن جاگيراڻي، شاهہ محمد اڊيڻو، محمد رضوان قادري، شهزاد يٻو شڪيل قريشي، وقار سومرو، آغا محمد اڪرم دراني، حافظ محمد شريف ڏاڏا، محمد منير ميمڻ، سيد عمران شاهہ، عبدالباري انصاري، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهڪڙيو، حسيب جوٽيجو، نعير بلوچ، انيس خان، ڏاڏو ابڙو، فقير رمضان ڪورائي، عبدالماجد مهر ۽ ٻيا بہ موجود هئا. حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين آڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ انتهائي افسوس جو مقام آهي تہ شهرين ۽ ڪاروبار گٽس جي لوڊشيڊنگ ۽ پريشر ۾ گهٽتائي جي مسئلي کي حل ڪري نہ تہ ان جي خلاف پريور احتجاج ڪيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ مختلف علاقن مان ايندڙ شهرين جي وفد سان گالهہ ٻولهہ ڪندي ڪيو ان موقعي تي مولانا عبيدالله يٻو غلام مصطفي ڪلهوڙو

بقايا سنڌيار 01

طرفان اٽو نہ ملڻ خلاف شهرين توڙي مختلف علاقن سان واسطو رکندڙ ماڻهن پورل چنو مسمات نظامان، غلام حسين جي اڳواڻي ۾ فلور ملز جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته فلور ملزم انتظاميه کي روزانو ٽي سو بوريون ڪڻڪ جو ملن ٽيو پر رڳو 10 ڪلو وارا 80 بيگ هلائي پئي، احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته فلور ملز انتظام ٽي سال پراڻو ۽ غير معياري ٽوري مقدار ۾ اٽو هلائي پئي، اسان جي گهرن ۾ ڪائڻ لاءِ اٽو ناهي روزانو سستو اٽو خريد ڪرڻ لاءِ اڇون ٽا پر اٽو نہ ٿو ڏنو وڃي، غريبن بدران من پسند ماڻهن کي ڏنو وڃي ٽو،احتجاج ڪندڙن ڊي سي گهوٽڪي ۽ فوڊ ڪاتي جي عملدارن کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

تي پرسان ڊمپر ۽ سوزڪي جي آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي سوزڪي ڊرائيور تلهار جو رهواسي سوزڪي ڊرائيور عرفان علي بهرائي موقعي تي فوت ٽي ويو جڏهن ته بدين حيدرآباد روڊ تي ٽنڈو غلام حيدر مال پڙي اسٽاپ وٽ ڊمپر جي ٽڪر ۾ تلهار جو شهر جو رهواسي 14 سالن جو نينگر ماهر قمبراڻي موقعي تي فوت ٽي ويو جڏهن ته فراڊ پنهنجي سخت زخمي ٽي پيو

بقايا سنڌيار 03

غلام نبي چنہ ڪيس اداري جي مختلف شعبن جو معائنو ڪرايو افتتاحي تقريب ۾ ڳالهائيندي فريال تالپر چيو ته مون کي خوشي ان ڪري به وڌيڪ ٽي رهي آهي جو اڄ کان پندرنهن سال اڳ بابا سائين حاڪم علي زرداري جو پوکيل ٻوٽو اڄ وڏي وڻ ٽي ڇڪو آهي مان بابا سائين جي پوکيل ٻوٽي جي پهرين ڏينهن کان آبياري ڪندي اڄان هن چيو ته هن اداري جي ٽيم جي محنت جي جيڪڏهن ساراه ڪجي ته لفظ ڪٽي پوندا ايائي هزار ٻارن کي رت لڳائڻ کا معمولي ڳالهه ناهي فريال تالپر چيئرمين پروفيسر علي بخش سومرو کي پڪ ڏياري ته ماضيءَ جيان هو سائٽن هر وقت سهڪاري رهندي ٽيليسميا جا هار مان پنهنجا هار سمجهندي آهي افتتاحي تقريب ۾ ايگزيڪيٽو ڪائونسل جا ميمبر سيد محمد منير شاه ، صدرالدين ميمڻ ، قاضي جاويد سنائي ، چوڌري ظفرحسين آرائين ، ڊاڪٽر نظر ميمڻ ۽ ميڊم ڊاڪٽر ڪرن عامر پڻ موجود هئا ان کان اڳ ٽيليسميا جي ٻارڙن دانش تنيو ۽ بيبي ڪرن جي آڳاڻيءَ ۾ فريال تالپر کي گلدستا پيش ڪيا جڏهن ته ڊاڪٽر اسماء آرائين آجيڪاٽو پيش ڪيو ان موقعي تي منصور پاشا ، مجيب الرحمان خاصخيلي ، ڊاڪٽر شهزاد رائوڙ ۽ عبدالرزاق گهانگرو پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 04

جون چوندون سماجي شخصيت سيد شفقت شاهه بخاري، سينيئر صحافي تاج تانوري، شفيع محمد ابڙو، ڪاشف قلهوتو، جي نگراني ۾ ٽي گذريون اليڪشن دوران صدارتي عهدي تي مقابلو ٽيو جنهن ۾ راڻا راحت حسين 16 ووٽ ڪٽي پريس ڪلب سرحد جي عهدي تي ڪاميابي ماڻي جڏهن ته عبدالقادر گهنجو 4 ووٽ ڪٽي پئي نمبر تي رهيو ان کان علاوه متفقہ طور تي حاجي محمد مهر کي سينيئر نائب صدر، سليم ميمڻ کي نائب صدر، عبدالحميد ابڙو کي جنرل سيڪريٽري، اعجاز پٽي کي جوائنٽ سيڪريٽري، اعجاز دايو، کي فنانس سيڪريٽري، مسعود ميمڻ کي ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري، سيڪريٽري، عابد ميمڻ کي انفارميشن سيڪريٽري، ۽ اشوڪ ڪمار کي آفيس سيڪريٽري چونديو ويو اليڪشن بعد سياسي، سماجي، ادبي، ۽ صحافتي ڏرين جي ماڻهن عبدالحئي ساوند، چيف احمد علي ملڪ، ڊاڪٽر سجاد حسين مهر، بابر علي مهر حسين مهر، عبدالرحيم مهر، مير مرتضيٰ مهر، فقير علي حسن ساوند، ۽ ٻين پاران سرحد پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڪٽيل عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون ويون

بقايا سنڌيار 05

شهرين ۾ گهٽتي جي لهر چانيل، ياد رهي ته ڪراچي اندر موبائل ڦر دوران هزارين شهري ماريا ويندا آهن ڪراچي جي آبادي تمام گهٽي هجڻ سبب اتي موبائل فون ڦر ڪندڙن کي پڪڙڻ تمام مشڪل هوندو آهي پر گهوٽڪي شهر ايترو وڏو شهر ناهي آبادي جي لحاظ کان پر افسوس پوليس جي نااهلي سبب خوبصورت شهر گهوٽڪي ۾ به روزانو موبائل فون ڦرٽيڻ شروع ٿي ويا آهن انهن تي جلد کان جلد ڪنٽرول نہ ڪيو ويو ته پوءِ حالتون ڪراچي وانگر ٽيڻ ۾ دير ڪون لڳندي

بقايا سنڌيار 06

المسلمين سنڌ جي عهديدارن جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. اجلاس ۾ ضلع دادو زون 1 جي 16 برانچز جي عهديدارن، روحاني طلبه جماعت ضلع دادو زون 1 جي عهديدارن ۽ خلفاءَ ڪرام شرڪت ڪئي، ان موقعي تي صوبائي صدر قاضي مشهود احمد قريشي طاهري عهديدارن کي خطاب ڪندي چيو ته رب پاڪ جي حقن کي ادا ڪرڻ سان گڏ ان جي بانهن جي حقن کي به سهڻي طريقي سان ادا ڪريو چوته ڏهن پاڳن مان هڪ پاڳو عبادت جو ۽ جڏهن ته نوپاڳا بانهن جي حقن ۾ معاملات سان تعلق رکن ٿا. پنهنجي صحت جو خيال رکو صحتمند انسان ٿي رب العالمين جي سهڻي عبادت ۽ مخلوق جي خدمت ڪري سگهي ٿو. جماعت اصلاح المسلمن جي قائد حضرت محبوب سڄڻ سائين جو منشور تعليم صحت تجارت ماحول کي سرسبز بٽائڻ برداشت سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جو علم حاصل ڪرڻ ۽ خدمت خلق تي ٻڌل آهي آخر ۾ صوبائي فنانس سيڪريٽري محمد اقبال سوهو جماعت اصلاح المسلمن ضلع دادو زون 1 جي نون چونڊيل عهديدارن جنهن مطابق صدر منير احمد عباسي سينئر نائب صدر عبدالرزاق کوسو نائب صدر غلام عباس سيال جنرل سيڪريٽري غلام نبي ميمڻ جوائنٽ سيڪريٽري عبدالاحد لغاري پريس سيڪريٽري هوش محمد چنا فنانس سيڪريٽري عبدالغفار ملاح آڊيٽر غلام رسول وگهيو ۽ آفيس سيڪريٽري آفتاب احمد برهماڻي جو اعلان ڪيو

بقايا سنڌيار 07

پهرين ڏينهن جي بک هڙتال شروع ڪري پاڻي ناهي چو پلا ڪربلا ڪربلا ۽ پبلڪ هيلٿ انتظاميا خلاف چتي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي محمد ملوڪ ٽيهو مدد علي سولنگي واجد علي پهنور عبدالرزاق کوسو جيوڻ خان ٽيهو ڪريم رند ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت پبلڪ هيلٿ ڪاتي جي نااهلي سبب منظورآباد جو عوام بنيادي سهولت پاڻي لاءِ سخت پريشان آهي ڪاتي جي نااهلي سبب 10 سال اڳ واٽر سپلاءِ اسڪيم سياسي بااثر حوالي ڪئي وئي جن ڪرپشن ڪرائي ناڪص مٽيريل استعمال ڪرائي اسڪيم ڪي من پسند جڳهه تي ٺهرايو جنهن سبب پاڻي جي رسد نہ پئي ٿئي جنهن سان شهري 4000 هزار روپيا في ٽينڪر خريد ڪرڻ تي مجبور آهن رهواسي ڪيترائي ڪلوميٽر پنڌ ڪري پاڻي ڊوئين ٿا جنهن سبب سندن ڪاروبار سخت متاثر ٿي رهيو آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ت منظورآباد کي پاڻي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 08

اڇڻ ڪانپوءِ ڊرائيورن احتياط ڪندي پنهجي گاڏين جو لائيٽون ٻاري گاڏين جي رفتار گهٽ ڪري چڙي ڪيترن ڊرائيورن پنهنجو گاڏيون هوٽلن تي ٻهاري چڙيون بدين انتظاميا ڊرائيورن کي هدايت ڪئي آهي ته هو صبح جي وقت احتياط سان گاڏيون هلائين ته جيئن مسافرن ۽ گاڏين کي نقصان کان بچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 09

ڪرڻ گهرجن هن چيو ته ڪراچي اندر سنڊي ڇوڙن کي سازش تحت ڊاهيو پيو وڃي جڏهن ته ڏاريا آباد کيا پيا وڃ شاعر بيدل مسرور ڳالهائيندي چيو ت سنڌ اندر سنڊي ماڻهن جي حصوق لاءِ باقاعدا ڪندڙ ڊاڪٽر قادر مگسي آهي جنهن هميشه تمام وڏي عملي جدوجهد ڪئي آهي سندس جي مٽان مختلف لڳائيندڙ ماڻهو سندس جي شخصيت پريشان آهن خوفزدا آهن جيڪا اچائي واويلا ڪري رهيا آهن هن وڏيڪ چيو ته سنڌ جي خوشحالي ان ۾ آهي تہ اسان هڪبئي سان نهايت پيار محبت سان پيش اچون هڪبئي جا پرجهلو ٽيون عبدالمجيد مغيري سالگرهه تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ ڏاري آبادڪاري هجي سنڊي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ بحريان ٽائون سميت مسئلن جي لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪيو آهي صلاح جلبائي غلام علي بليدي شير جان ڪوسو سميت ٻين پڻ سالگرهه تقريب کي خطاب ڪيو.

بقايا سنڌيار 10

موقعي تي مسلم ليگ ن هائوس نوشهروفيروز ۾ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب ۾ زاهد علي رند منظور احمد مغل. سڪندر خان رند. ايڊووڪيٽ اظهر خان رند محمد ملڪ علي محمد چانڊيو انيل احمد وستار عرفان رند ڊاڪٽر غلام رسول راجپوت عامر خان رند عمران ڪلو علي حسن رند بادل خان رند اسماعيل سولنگي پپو اوڊ لالا الطاف بلوچ فاروق جت ايڊووڪيٽ نثار رند اسد خان رند ناصر خانزاده بلاول ڪائونسلر منير گانگهو جاويد رند سميت پاڪستان مسلم ليگ ن جي ڪارڪنن پريور شرڪت ڪئي. سالگرهه جي موقعي تي ڪارڪنن ميان محمد نواز شريف جي صحتيابي ۽ وڏي ڄمار لاءِ پڻ دعا گهري

بقايا سنڌيار 11

پريس ڪلب جي نئين چونڊيل آيل باڊي کي سنڌ جي سوڪڙي اجرڪ ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ان موقعي آيل اڳواڻن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان نئين چونڊيل آيل باڊي مان اميد رکون ٿا ته سندس پنهنجي علاقي جي مئسلن کي اجاگر ڪري پنهنجي قلم جي ذريعي يا اعلي ايوانن تائين پهچائي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ان موقعي تي گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي جي چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ - صدر سعيد احمد چانڊيو. نائب صدر جئيرام پڑهياڻ ۽ جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهوار. خزانچي صالم ڏاهري - جوائنٽ سيڪريٽري اسد جتوئي - پريس سيڪريٽري مجيب الرحمان برفت ۽ آفيس سيڪريٽري روشن ڪمار آيل معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ هنن چيو ته گڏاپ پريس ڪلب جي صحافين هميشہ پنهنجي ماروئڙن جو آواز بنا اعليٰ يوانن تائين پهچائندا راهندا.

بقايا سنڌيار 12

ڪي عوام جي تڪليفن جو احساس آهي. اسان 15 ڏينهن اندر شهر کي صاف ستڙو ٻٽائينداسين. ان ۾ ڪنهن جي به ڪوتاهي ڪي برداشت نہ ڪيو ويندو. ڊي سي اهڙن خيالن جو اظهار رات دير سان ايڊمنسٽريٽر ٽائون ڪميٽي احسان الله. چف مونسپل آفيسر مورو عمران علي ممڻ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات محمد موسيٰ گوندل سان گڏ شهر جي دوري دوران ڪيو. ڊي سي سنڌ ڪالوني ڊسپوزل، الله واري چوڪ، مئن روڊ سميت مختلف جاين جو معائنو ڪيو ۽ مڙا سان ڳالهائيندي وڏيڪ چيو ته اڳوڻو ٽائون آفيسر آفيس ۾ ئي نہ ايندو هو جنهن لاءِ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ کي درخواست ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر احسان الله کي ايڊمنسٽريٽر جي چارج ڏياري آهي جڏهن ته ٽائون آفيسر جي مقرري لاءِ به درخواست ڪئي آهي هن چيو ته شهر ۾ ڊرنج ۽ صفائي جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ حڪمت عملي ناهي آهي ۽ ٻين شهرن مان به ٽيمون گهرايون آهن. هن صفائي واري عملي کي وارننگ ڏيندي چيو ته هوا مانداري سان شهر جي بهتري لاءِ ڪم ڪن پي صورت ۾ سنڊن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته ٽائون انتظاميه کي سمجهڻ گهرجي ته هو سرڪاري ملازم آهن جيڪڏهن انهن ڪم نہ ڪيو ته انهن خلاف قانوني ڪاروائي ٽيندي

بقايا سنڌيار 13

ملڻ تي ٽنڈوياگو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تعلقي اسپتال ٽنڈوياگو پهچايو. جتي فوتي نوجوان جي پوسٹ مارٽم ڪانپوءِ فوتي نوجوان جي لاش کي وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. فوت ٽيل نوجوان ڪجهه ڏينهن اڳ ڪوسڪي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ اردو جو ليڪچرار مقرر ٽيو هو. لاش پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو . فوتي نوجوان جي تدفين اڄ سومر ڏينهن گوٺ بجو هالياپوٽو ۾ ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 14

مارشل خالد محمود اعزازي مهمان ۽ صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاه مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي مهمانن ڪيڏنس پاران لڳايل سائنسي ، ثقافتي اسٽالن جي نمائش ۾ نئين هاسٽل جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ميمبر سنڌ اسيمبلي فريال تالپر ڪيڊٽ ڪاليج جي پرنسپل ڊاڪٽر فهميده شيخ سان گڏ گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو. جتي ان وقت ڪيڊٽس جي دستن پاران ڪيس سلامي پڻ ڏني وئي تقريب کي خطاب ڪندي ميمبر سنڌ اسيمبلي فريال تالپر چيو ته بختاور ڪيڊٽ ڪاليج نياٽين ڪي بهترين نصابي، غير نصابي، اخلاقي ۽ مذهبي تعليم ڏئي رهيو آهي اسان کي پنهنجي نوجوان ڪيڊٽس تي تمام گهٽو فخر آهي ۽ اسان ملڪ جي اڃ اڃ حفاظت لاءِ هر وقت تيار آهيون. هن وڏيڪ چيو ته اڄ ڪيڊٽس جي ڪارڪردگيءَ ڏسي فخر محسوس ٿي رهيو آهي ته ملڪ جون سرحدون مضبوط هٿن ۾ آهن ۽ پاسنگ آئوٽ پريڊ سان خطاب منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي آئون پنج سالن جو ڪورس مڪمل ڪندڙ سمورين ڪيڊٽس کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿي.ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي نظريي تحت عورتن کي برابري جي بنياد تي حق ڏيارڻ لاءِ ڪوشان آهي سندن تعليم ۽ تربيت لاءِ پاڪستان جو پهريون بختاور گرلز ڪيڊٽ ڪاليج شهيد بينظيرآباد ڪانپوءِ لاڑڪاڻي ۾ پڻ ٻيون گرلز ڪيڊٽ ڪاليج ڪم ڪري رهيو آهي هن وڏيڪ چيو ته سنڌ ۾ 2 گرلز ڪيڊٽ ڪاليجن سميت 11 ڪيڊٽ ڪاليجن ۾ تعليمي سرگرميون جاري آهن جڏهن ته وڏيڪ 4 ڪيڊٽ ڪاليجن جو تعميراتي ڪم هلندڙ آهي هن پاسنگ آئوٽ ٿيل ڪيڊٽس کي مبارڪ باد پيش ڪئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي

بقايا سنڌيار 15

جي چوند ٽي جنهن ۾ شاخ ٽنڈوياگو جا هيڏيان عهديدار چونڊيا ويا. سيڪريٽري نوراحمد سمون،جوائنٽ سيڪريٽري جمن شاه،ڪائونسلر اشو لوهاڻه،خزانچي غلام شبير لغاري،آڊيٽر شاهد حميد. ڪارواري ڪاميٽي لاءِ فراق هالياپو ٽو،ڏاڙهون ڏڪايل،سجاد ساحر بلوچ ويرو مل موتي، سچل هالياپوٽو چونڊيا ويا.

بقايا سنڌيار 16

ناڪام ٽي ويئي آهي جنهن جي ڪري شهرن توڙي ٻهراڙين ڪان ايندڙ ماڻهو جن ۾ عورتن جو پڻ وڏو تعداد شامل آهي يوٽيلٽي اسٽورز جي ٻاهر قطارن ۾ سامان وٺڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهڻ جي باوجود ڪين اسٽورن تان بنان سامان ڏيڻ جي اهو ڇڻي موڪلايو وڃي ٿو ته يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن طرفان ڪين اٽو گيد ڪنڊ دالين جي سپلائي بند آهي جڏهن متان ڪان سامان ملندو تڏهن ان جي سپلائي شروع ٽيندي شهرين شهباز ميمڻ رفيق عمراڻي ۽ ٻين هلال ڪي سروي دوران ٻڌايو ته بدين شهر جي ڪنهن ٻ يوٽيلٽي اسٽور تي سامان موجود ناهي وارد 7 سيراڻي رود وارو اسٽور سامان نہ هجڻ ۽ عوام جي احتجاجن سبب تالي هٽي بند ڪيو ويو آهي جنهن ڪري هتي روز احتجاج ٽين پيا پر ڪو به ٻڌڻ وارو ناهي هنن وزيراعظم ميان شهباز شريف ۽ ڊي سي بدين آغا شاهنواز خان کي اپيل ڪئي ته بدين شهر جي يوٽيلٽي اسٽورن تي سامان جي ڪوٽ ختم ڪرڻ لاءِ فوري قدم کڻي اسٽورن تي سامان جي ڪوٽ ختم ڪري وفاقي حڪومت طرفان عوام لاءِ ڏنل رليف عوام کي ڏياري ملوٽ ڪارپوريشن جي عملدارن جي خلاف سخت قدم کنيا وڃن.

بقايا سنڌيار 17

سردار زبير فضلي ۽ ٻين سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيو ان موقعي تي هنن چيو ته قائد اعظم محمد علي پنهنجي اڻ ٽڪ جدوجهد سان پاڪستان حاصل ڪيو جنهن سبب اسان آزاد ملڪ ۾ سڪ سان رهون پيا هن چيو ملڪ ۾ موجود سياسي سماجي حالتن ۾ قائد اعظم جي ڊسيل وات تي هلڻ جي ضرورت آهي جنهن سان ملڪ مختلف مسئلن کي حل ڪري سگهجي ٿو.

بقايا سنڌيار 18

شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي لاڙ ڊويزن جي آرگنائزر شاهنواز سيال ضلع صدر راجا اعجاز خواجه جنرل سيڪريٽري اسلم مهندو نائب صدر علي حيدر پنهور چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جي حقن جي جدوجهد لاءِ عملي احتجاج ۽ مزاحمت جو نالو آهي جنهن مزاحمتي جدوجهد ۾ پنهنجي سيني تي گولين برداشت ڪيون هنن چيو ته سنڌ هن وقت خطري ۾ آهي تنهن ڪري سنڌ جي مسئلن لاءِ ڊاڪٽر قادر مگسي جي چار نڪاتي جدوجهد سان ٿي سنڌ جا حق حاصل ڪري سگهن ٿا ان موقعي تي ممتاز جت لاير فورم رياز مصطفيٰ آرائين سٽي صدر انور ڪوسو ارشاد نهڙيو ياسر منگي رستم چانڊيو سليمان ملاح باغي ذيشان انصاري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو آخر ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي 60 هين سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو.

بقايا سنڌيار 19

ٻين پاران سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي 60 هين سالگرهه تقريب منعقد ڪري ڪيڪ ڪاٽيو ويو. جڏهن ته سالگرهه تقريب ۾ ايس ٽي پي جا ڪارڪن ۽ ٻنوں جا مختلف سياسي سماجي واپاري اڳواڻ صحافي ۽ سجاڻ ڏرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي، ان کي چٽي صوبن ۾ قائم آهن، هن چيو ته اسان عوام جي خدمت تي يقين رکون ٿا، انشا ايندڙ چونڊن ۾ پ پ سجي ملڪ مان سوپاري ٽيندي، ۽ ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم بلاول پٽو زرداري هوندو.

بقايا سنڌيار 20

گروپ جي سرگرم اڳواڻ علي اڪبر عيسائي سان سندس پيٽ جي وفات تي تعزيت ڪئي، ان موقعي تي پ پ اڳواڻ محمد خان ڪچي، محمد خان سومرو ۽ ٻيا موجود هئا. هن پاڪ کان دعا ڪئي ته مرحوم کي جنت الفردوست ۾ اعلي مقام عطا فرمائي. جڏهن ته پ پ اڳواڻ پير غلام رحماني شاه جيلاني پريس ڪلب دڙو جي ٽير سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ ملڪ جي اها واحد عوامي پارٽي آهي، جنهن جون پاڙون ملڪ جي چٽي صوبن ۾ قائم آهن، هن چيو ته اسان عوام جي خدمت تي يقين رکون ٿا، انشا ايندڙ چونڊن ۾ پ پ سجي ملڪ مان سوپاري ٽيندي، ۽ ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم بلاول پٽو زرداري هوندو.

بقايا سنڌيار 21

ڪلب ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراه ڊاڪٽر قادر مگسي جي 60هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ پارٽي ڪارڪن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻ چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي جي 60 هين سالگرهه جي موقعي تي سنڊس ڪي سالگرهه جون مبارڪون پيش ڪيون ٿا هنن چيو ته ڊاڪٽر قادر مگسي لوئي ۽ لج جو محافظ آهي اسان ڊاڪٽر صاحب جي قيادت ۾ سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙيندا رهنداسين آخر ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي جي ڊگهي ڄمار لاءِ دعاون گهريون ويون

بقايا سنڌيار 22

ڪري پروگرام ۾ ڪهي آيل مهمانن کي جهومائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو،جڏهن ته تقريب ۾ سنڌ جي ثقافتي رنگن کي اجاگر ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي رنگن ۾ رنگجي سنڌ جي هزارين سال پراڻي تهذيب کي اجاگر ڪيو جڏهن ته اسڪول جي شاگردن جي طرفان تقريرون، گيت ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ويا تقريب جا مهمان خاص معزز شخصيت امان الله مهر، محمد نواز مهر، هدايت الله مهر، منظور احمد مهر، استاد محمد صالح مهر، ضلعي ڪائونسل ميمبر غوث بخش مهر ، راهي جميل احمد، فوجي حزب الله مهر ، ٻين سماجي ماڻهن ۽ والدين شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي جڏهن ته حمد ،نعت، تقريون، ٽيبلوز ،ڊانس پرفارمنس ،قومي گيت شاگردن ۽ شاگردياڻين پيش ڪري داد حاصل ڪيو . ان موقعي تي مهمانن ڳالهائيندي چيو ته زنده قومون پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪندين رهنديون آهن ثقافت سان جيڪو رشتو هوندو آهي اهو هڪ تمام مضبوط رشتو آهي وقت ۽ حالتن سان ان تبديلي ۽ نواڻ به ايندي ٽي رهي، اسڪول جي پرنسيپل شاه ڏني مهر ڳالهائيندي چيو ته اسڪول ۾ اهڙيون تقريب ڪوٺائڻ سان شاگردن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي ۽ شاگردن جو تعليم سان لڳاءُ ۽ شوق به وڌي ٿو. اسڪول جي استادن وي پي سجاد احمد، صعيب احمد، امجد علي، غلام فريد، نعمت الله ۽ ظهير احمد پروگرام کي ڪامياب بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو تقريب ۾ آيل مهمانن طرفان پروگرام ۾ بهترين پرفارمنس حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام پڻ ورهايا ويا.

بقايا سنڌيار 23

پنهور ميرمرتضي ٽالپر غلام قادر سومرو ساجد پنهور صبا شاهه ڪامران ڪنيار بشري نور علي ۽ شڪيلا آرائين جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي هنن چيو ته تعليم ڪاتي ۾ واضع ريڪرومنٽ پاليسي ۽ ڪاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري جي واضع هدايتون بدين ۾ تعليم ڪاتي عملدارن جي نااهلي اقربا پروري ڪرپشن جي ور چڙهي ويون آهن هنن الزام هنيو ته ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ۽ ٻين پڻ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايلمنٽري سيڪنڊري هاير سيڪنڊري پاڻ ۾ ملي پڳٽ ڪري تعلقي ۾ پرائمري استادن جي خالي پيل سيٽن جو تعداد لڪايو آهي هنن چيو تعلقي بدين ۾ خالي پيل سيٽن 471 مان پهرين ۽ ٻئي فيز ۾ جوائننگ ڪندڙ اميدوارن ۽ ٻين هٽ ڪيل انگن اکرن موجب هن وقت به تعلقي بدين ۾ 64 پي ايس ٽي جون سيٽون خالي پيل آهي پر انهن کي ظاهر ڪري آفر آرڊر جاري نہ ٿا ڪيا وڃن هنن چيو ته ڊي آر سي آڏو پيش نہ ٽيندڙ پنهنجا فائل جمع نہ ڪرائيندڙ ۽ ٻن پوسٽن تي اهل قرار ڏنل اميدوارن طرفان هڪ پوسٹ تي جوائننگ ڪندڙ اميدوارن کي فائنل ميرٽ لسٽ مان ڪڍي ويٽنگ اميدوارن کي شامل ڪرڻ بجاءِ سندن نالا بار بار ميرٽ لسٽ ۾ شامل ڪري ويٽنگ ۾ ويڙل اميدوارن جو حق ماريو پيو وڃي هنن چيو ته تعليم ڪاتي بدين جو سجي لک پڙهه جو ڪارونهوار سوشل ميڊيا خاص ڪري واٽس ايپ گروپن تي هلي رهيو آهي اهي ايتري قدر جو پهرين فيز ۾ جي اي ايس ٽي پي ايس ٽي جا آفر آرڊر وصول نہ ڪندڙ يان جوائننگ نہ ڪندڙ اميدوارن جا نالا اخبارن شايع نہ ڪرائي ڪين آفر آرڊر ۽ ڊيڊ جو آپشن برقرار رکيو ويو ته جيئن ڪاتي جا ڪامورا ڪين آفر آرڊر ۽ جوائننگ ڊيڊ عيوض رشوت وٺي پيٽ پري سگهن هنن مطالبو ڪيو ته تعليم ڪاتي ۾ استادن جون پوسٽون لڪائڻ جو نوٽيس ورتو وڃي تعلقي بدين رهيل اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 24

سان گڏ هڪ متحرڪ ڪردار هيو جنهن تمام گهٽا سٽا شاگرد پٽايا ڪيا سندس جي شاعري سنڌ توڙي هند ۾ مشهور آهي جيڪو جڻ اکيڊمي جو درجو رکندو سندس جا چار ڪتاب چپيل آهن نور مصطفيٰ' صدرالدين شيخ ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته اسلم ڪٽيار، شمس شيخ خالد شيخ فراز شيخ ڳالهائيندي چيو ته استاد پيرل قمبر سنڌ جو تمام وڏو شاعر هو جنهن سنڌي اردو فارسي سرائڪي ۽ انگلش ۾ شاعري ڪئي آهي ورسي تقريب واري پروگرام ۾ مڇ ڪڇهري سان گڏ محفل موسيقي پڻ ڪئي وئي هئي جنهن ۾ نالي وارا فنڪار پنهنجي هيٺ ڪئي وئي. اهڙي سنڌ دشمن منصوبي ۾ سنڌ جا ڪجهه قومپرست اڳواڻ به ملوٽ اهن سالگرهه تقريب کي ديدار شيخ، اسد چنا، اسرار سنڊي، نواز ڪوکر، رفيق ابڙو ۽ ايار ملاح ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بقايا سنڌيار 27

سولنگي، مولائا علي نواز پرهياڙ ۽ قاري خادم حسين چيو ته قرآن پاڪ الله جو ڪلام آهي. قرآن پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ جو رتبو عظمت وارو آهي. هنن چيو ته ديني ۽ دنياوي پئي علم حاصل ڪرڻ گهرجن. دين تي عمل ڪرڻ سان دنيا ۽ آخرت موچاري ٿئي ٿي. جڏهن ته دنياوي تعليم سان روزگار حاصل ٿئي ٿو جنهن سان ترقي ۽ معاشي زندگي بهتر بڻجي ٿي. تقريب ۾ قرآن مڪمل ڪندڙ حافظ ڪليم الله بروهيءَ کي هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون ۽ آخر ۾ خير ۽ برڪت لاءِ دعا پڻ گهري وئي.

بقايا سنڌيار 28

سنڌ حملن، ظلمن ۽ قبضن جو شڪار رهي آهي لطيف سايين سنڌ ۽ دنيا سان هر ٽيندڙ ناانصافي ۽ ڏاڍ سان شاعري ذريعي مُهاڏو اٽڪايو، لطيف جو ولادت ڪان وصال تايين وارو دور برصغير ۽ اڪثر دنيا جي مظلومن لاءِ ڏاڍ ڏمڙجبر ۽ استحصال سامهون بيهڻ جو درس ڏنو آهي ۽ اُن جهل جدوجهد جو درس ڏنو آهي ۽ اُن جهل جدوجهد جو درس ڏنو اسٽاهيو آهي شاهه لطيف پاڻ سڃاڻڻ، پنهنجي ٽڦي ۽ ٻين جي پلاڀي لاءِ زور پري ٿو. نسيم بخاري چيو ته لطيف واري فڪري ڏڪ تي هلي دنيا ۾ امن، سُکون خوشحالي ۽ هرڪاميابي کي يقيني بڻايي سگهجي ٿو. نالي واري ادبي آدرش (ارشاد شيخ) چيو ته لطيف جي حوالي سان فڪري پروگرام وقت جي اهم ضرورت آهن. آصف شيخ چيو ته اسان کي لطيف جو پيغام گهر گهر ۽ گهٽي گهٽي پهچائڻ گهرجي هن ليڪچر پروگرام ۾ سوالن جوابن جي نشست پڻ ٿي جنهن ۾ هر سوال جو جواب سائين انور سومرو تسلي جوگهو ڏئي شرڪت ڪندڙن جون دلين ڪني وٽين پنهنجي نوعيت جي ٻاروپور ۾ منعقد ٽيندڙ هن پهرين منفرد پروگرام ۾ وارد هڪ جي ڪاونسلر ۽ پ پ اڳواڻن مور خان سنجراڻي ۽ ياسر شاهه، ادبين آصف شيخ مختيار سومرو، مير مارفاڻي، سليم رضا اوڊ، شهاب الدين سنجراڻي، صحافين عديل علوي، نادر بلوچ سميت آغا قربان علي، محمد نواز جيهو، ممتاز سنجراڻي، فرحان سنجراڻي، استاد نواب سومرو، زوهيب شاهه، توفيق شاهه، گل منير شاهه، غوث علي شاهه، حماد شاهه، مظفر علي گڏاڻي ، ياسين سنجراڻي، نجيب سومرو ۽ ٻين پڻ خصوصي شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 29

سڪيورٽي هاءِ الرٽ شهيد بينظير آباد رينج جي سمورن ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي وئي آهي ته قائداعظم جي سالگرهه ۽ ڪرسمس جي موقعي تي منعقد ٽيندڙ تقريبن جي موقعي تي فول پروف سيڪيورٽي کي يقيني بڻايو وڃي. ڊي آءِ جي وڏيڪ هدايت ڪئي ته ايس بي آءِ رينج جي سمورن ايس ايس پيز کي قائداعظم جي ڊاڻي جي حوالي سان مقامي پريس ڪلبن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين هنڌن تي ريلي ڪڍي گرجا گهر